# صفائي سُٿرائي ۽ سادگي

09-December-2021



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

09 ڊسمبر، 2021 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# صفائي سُٿرائي ۽ سادگي

**هن بيان ۾ اوهان ڇاڻي سگهندؤ....**

✿...عذابِ قبر جا ٽي سبب

✿...پاڪ شيء کي ناپاڪ ڪرڻ حرام آهي

✿...اسلام صفائي سٿرائي جو دين آهي

✿...صفائي بابت اسلامي تعليم جون 4 خصوصيتون

پيشڪش

**مجلس اَلمَدِينَةُ العِلمِية** (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبو بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ(دعوتِ اسلامي)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله

اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَاف

(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

**پيارا اسلامي ڀائرو! نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَاف جي معني آهي: مون سُنَّت اعتڪاف جي نيت ڪئي.** نيت دِل جي ارادي جو نالو آهي، لهٰذا جڏهن بہ مَسجِد ۾ حاضِري ٿئي، هر ڀيري ياد سان، دِل ۾ ارادو رکي عربي، (سنڌي) يا ڪنهن بہ ٻولي ۾ اعتڪاف جي نيت ڪرڻ گهرجي، اِنۡ شَآءَ اللهُ الۡكَرِيۡم! جيستائين مسجد ۾ رهنداسين، نفل اعتڪاف جو ثواب بہ ملندو رهندو. ياد رکو! مسجد ۾ کائڻ، پيئڻ، سمهڻ، سحري افطاري ڪرڻ، دَم ڪيل پاڻي پيئڻ وغيره شرعي طور جائز ناهي، اعتڪاف جي نيت ڪري ونو تہ اهي ڪم بہ جائِز ٿي ويندا.

# درودِ پاڪ جي فضيلت

**حضرت محمد بن سعيد** رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه **فرمائن ٿا: مون درودِ پاڪ جو هڪ تعداد مقرر** ڪري رکيو هو ۽ روزانو ايتري تعداد ۾ درود شريف پڙهي سمهندو هئس، الحمدلله! درودِ پاڪ جي برڪت سان هڪ ڏينهن مون تي ڪرم ٿي ويو، مان ستو پيو هئس تہ قسمت چمڪي پئي، مون ڏٺو تہ منهنجا پيارا آقا، حبيبِ خُدا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **اسان جي گهر، منهنجي ڪمري ۾ تشريف فرما ٿيا آهن**، الله اَڪبر! **نُورِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جي چمڪ ڏمڪ سان پُورو ڪمرو جڳمڳائجي ويو.**

بہرِ دیدار جھک آئے ہیں زمیں پر تارے　　واہ اے جلوۂ دِلدار! چمکنا تیرا[1]

واه! خوش نصيبي...!! منهنجا ڪريم آقا، منهنجا رَحِيم آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪرم جي برسات وسائيندي مون غُلام جي ويجهو تشريف فرما ٿيا ۽ محبت ڀري لهجي ۾ فرمايائون: اي منهنجا پيارا اُمَّتي! جنهن وات سان تون مون تي درود پڙهين ٿو، ويجهو ڪر! مان اُن وات کي چمان.

قرباں میں اُن کی بخشش کے، مقصد بھی زباں پر آیا نہیں　　بِن مانگے دیا اور اتنا دیا، دامن میں ہمارے سمایا نہیں

حضرت محمد بن سعيد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ڪائنات جي جان، فخرِ موجودات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ ذيشان ٻڌي مون کي حياءُ اچي ويو تہ ڪٿي منهنجو وات ۽ ڪٿي حُضُور جا پيارا پيارا، سهڻا سهڻا مبارڪ چَپ...!! اهو سوچي مون حياءُ سبب پنهنجو چهرو جهڪائي ورتو، هاڻي سراپا حُسن و جمال، بي بي آمنہ جي لال صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ منهنجي ڳل تي چُمي ڏني...!!

ارمان زَدوں کی ہیں تمنائیں بھی پیاری　　ارمان نکالا تو کس ارماں سے نکالا[2]

حضرت محمد بن سعيد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڌيڪ فرمائن ٿا: سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مون کي هن عنايت سان نوازيو ئي هو تہ منهنجي اک کلي وئي، منهنجي گهرواري جيڪا ويجهو ئي سُتل هئي، اها بہ جاڳي پئي، اسان جو گهر پاڪيزه نبي، مڪي مدني، رسولِ عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خوشبوئن سان مهڪي رهيو هو ۽ منهنجو ڳل تہ 8 ڏينهن تائين مهڪندو

1... ذوقِ نعت، صفحہ: 26۔

2... ذوقِ نعت، صفحہ: 60۔

رهيو.[1]

وہ جس رَہ سے گزرتے ہیں، بسی رہتی ہے مُدّت تک
نصیب اُس گھر کے جس گھر میں ٹھہریں میہماں ہو کر[2]

**اي عاشقانِ رسول!** اوهان ڏٺو درودِ پاڪ جي برڪت سان حضرت محمد بن سعيد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تي ڪيترو ڪرم ٿيو..! الله پاڪ اسان کي بہ ڪثرت سان درودِ پاڪ پڙهڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

بیٹھتے اُٹھتے، جاگتے سوتے ہو اِلٰہی مِرا شعار درود[3]

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

**حديثِ پاڪ ۾ آهي:** اَفضَلُ العَمَلِ اَلنِّيَّةُ الصَّادِقَةُ **سچي نيت اَفضَل عَمَل آهي.**[4]

**اي عاشقانِ رسول!** سٺي نيت ٻانهي کي جنّت ۾ داخِل ڪندي آهي. بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺو! مثال طور نيت ڪيو! ❖ عِلمِ دِين سکندس ❖ پورو بيان ٻُڌندس ❖ بااَدب ويهندس ❖ تَوَجُّه سان ٻڌندس ❖ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻڌندس ❖ جيڪو ٻُڌندس ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

---

1... القول البديع، صفحہ: 140-141۔

2... ذوقِ نعت، صفحہ: 130۔

3... ذوقِ نعت، صفحہ: 124۔

4... جامع صغير، صفحہ: 81، حديث: 1284۔

صَلُّوا عَلَى الحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پيشاب کان نہ بچڻ واري جي قبر مان پڪار!

صحابي اِبنِ صحابي، جنّتي اِبنِ جنّتي حضرت عبد اللّٰه بن عمر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مان سفر تي هئس، رستي ۾ هڪ هنڌ رات ٿي وئي، مان اها رات هڪ ٻڍڙيءَ جي گهر ۾ گذاري، ٻڍڙيءَ جي گهر جي ويجهو هڪ قبر هئي، مون قبر مان اهو آواز ٻُڌو: بَولٌ وَ مَا بَولٌ؟ شَنٌّ وَّ مَا شَنٌّ؟ يعني پيشاب! پيشاب ڇا آهي؟ مشڪيزو! مشڪيزو ڇا آهي؟ مون ٻڍڙيءَ کان ان آواز بابت پڇيو تہ ان چيو: اها منهنجي مڙس جي قبر آهي، هن کي ٻن گُناهن جي سزا ملي رهي آهي (1): هو پيشاب ڪرڻ مهل پيشاب جي ڇنڊن کان نہ بچندو هو. مان ان کي چوندي هُيس تہ توتي افسوس! جڏهن اُٺ پيشاب ڪندو آهي تہ اهو بہ پنهنجا پير ڪشاده ڪري ڇنڊن کان بچندو آهي پر تون هن معاملي ۾ بلڪل بہ احتياط نٿو ڪرين، منهنجو مڙس هن ڳالهين تي ڪو ڌيان نہ ڏيندو هو، ايستائين جو ان کي موت اچي ويو (2): ٻڍڙيءَ پنهنجي مڙس جو ٻيو گُناهہ ٻڌائيندي چيو: هڪ ڀيرو ان وٽ هڪ اُڃايل شخص آيو، ان منهنجي مڙس کان پاڻي گهريو تہ (منهنجي مڙس ان ويچاري اُڃايل شخص کي پريشان ڪرڻ جي لاءِ خالي مشڪيزي ڏانهن اشارو ڪندي) چيو: وڃ! ان مشڪيزي مان پاڻي پيءُ وٺ...! هو شخص اُڃايل هو، يڪدم مشڪيزي ڏانهن ويو، جڏهن ان مشڪيزو کنيو تہ ان کي خالي ڏٺائين، اُڃ جي سختي سبب هو شخص بيهوش ٿي ڪِري پيو ۽ ان جي موت واقع ٿي وئي.

ٻڍڙيءَ پنهنجي ڳالهہ جاري رکندي چيو: جڏهن کان منهنجو مڙس مئو آهي، اڄ تائين روزانو سندس قبر مان آواز ايندو آهي: بَولٌ وَ مَا بَولٌ؟ شَنٌّ وَّ مَا شَنٌّ؟

پيشاب! پيشاب ڇا آهي؟ مشڪيزو! مشڪيزو ڇا آهي؟[1]

عطا کر عافیت تُوزَنْع و قبر و حشر میں یارَبّ! وسیلہ فاطِمہ زَہرا کا کر لطف و کرم مولیٰ
بَراءَت دے عذابِ قبر سے، نارِ جہنم سے مہِ شعبان کے صدقے میں کر فضل و کرم مولیٰ

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## مذاق مسخري، دِل آزاري گُناه آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! هن عبرتناڪ حِڪايت ۾ سکڻ ۽ سمجهڻ جا ڪوڙ مدني گل موجود آهن، خاص ڪري هن ۾ ماڻهن کي پريشان ڪرڻ، ماڻهن جو مذاق اُڏائڻ ۽ پيشاب جي ڇنڊن کان نہ بچڻ جو وبال بيان ٿيو. افسوس! اڄڪلھ اهي ٻئي گُناھ عام ٿيندا پيا وڃن ❖ چار دوست گڏجي ويٺا هجن ❖ دفترن ۽ ادارن ۾ هڪ هنڌ ڪم ڪرڻ وارا (يعني *Colleague*) ❖ بلڪ سڳا ڀائر بہ ڪڏهن ڪڏهن هڪ ٻي جي ڪلاس لڳائيندا آهن، هڪٻئي جو مذاق اُڏائيندا آهن ۽ چرچا ڪندي نظر ايندا آهن ❖ افسوس! ڪافِر معاشرن جي اکيون ٻُوٽِي پيروي سبب ماڻهو دِين کان ايتري قدر پري ٿيندا پيا وڃن جو هاڻي مسلمان سڏائڻ وارا بہ اپريل فُول (*April Fool*) جي نالي تي ڪوڙ، مذاق مسخري، دِل آزاري وغيره جو باقاعِده ڏهاڙو ملهائيندا آهن ۽ هڪٻئي جي عِزتِ نفس خراب ڪندا آهن. ياد رکو! اپريل فُول (*April Fool*) هجي يا ڪو ٻيو موقعو، مسلمان جي عِزتِ نفس کي خراب ڪرڻ ۽ مذاق اُڏائي دِل آزاريون ڪرڻ سخت گُناھ ۽ جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي. الله پاڪ اسان سڀني کي اهڙي گندين عادتن کان محفوظ فرمائي. آمِين بِجَاه خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

---

[1] ••• عُیون الحکایات، حصہ دوم، صفحہ: 187-188 بتغیّر قلیل۔

ہو گیا تجھ سے خدا ناراض اگر    قبر سن لے آگ سے جائیگی بھر
بھائیوں کا دل دُکھانا چھوڑ دو    اور تَمَسخُر بھی اُڑانا چھوڑ دو
بد گمانی، جھوٹ، غیبت، چغلیاں    چھوڑ دے تُو رب کی نافرمانیاں
مت نکالو گندی گندی گالیاں    یہ گنہ کا کام ہے سن لو میاں

## عذابِ قبر جا ٽي سبب

اهڙي طرح پيشاب جي ڇنڊن جو معاملو آهي ❖ غير مهذب ماڻهو گهٽين ۾، ديوارن جي سامهون پيشاب ڪندا آهن، هن بي شرمي واري ڪم ۾ جتي بيون ڪوڙ بُرائيون آهن، اُتي پيشاب جي ڇنڊن کان پاڻ کي بچائڻ به گهٽو ڏکيو هوندو آهي ۽ عام طور تي ائين ڪرڻ وارا پاڻ کي ناپاڪ ڇنڊن کان بچائڻ جو لحاظ به ناهن ڪندا*.. ڪڏهن ڪڏهن *W.C* (يعني واش رُوم ۾ ويهڻ جي سيٽ) گهڻ اونهائيءَ واري لڳائي ويندي آهي، هن صُورت ۾ به خاص ڪري پيرن کي ناپاڪ ڇنڊن کان بچائڻ ڏکيو هوندو آهي، جيڪي پاڪي ناپاڪي جا احڪام ناهن ڄاڻيندا يا جيڪي نماز جا عادِي ناهن، اُنهن جو عام طور هن پاسي ڌيان به ناهي ويندو، واش رُوم کان پوءِ هٿ ته ڌوئيندا آهن پر پير ناپاڪ جا ناپاڪ رهجي ويندا آهن ❖ بلڪ هاڻي ته بيهي پيشاب ڪرڻ جو رجحان وڌي رهيو آهي، خاص طور تي ائير پورٽ (*Airport*) ۽ بين هنڌن تي بيهي پيشاب ڪرڻ جو مخصوص انتظام هوندو آهي، ان صُورت ۾ به بدن ۽ ڪپڙن کي پيشاب جي ناپاڪ ڇنڊن کان بچائڻ تمام ڏکيو ڪم آهي. ياد رکو! پاڻ کي پيشاب جي ڇنڊن کان نه بچائڻ سخت گُناهه آهي. غيب ڄاڻيندڙ نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جن فرمايو: پيشاب کان بچو! عام طور تي قبر جو عذاب انهيءَ سبب ٿيندو آهي.[1]

حضرت قتاده رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: اسان کي ٻڌايو ويو آهي ته قبر جي عذاب کي ٽن حِصَّن ۾ ورهايو ويو آهي (1): هڪ ٽهائي (*One Third*) عذاب غيبت جي سبب (2): هڪ ٽهائي عذاب چغلي جي سبب (3): ۽ هڪ ٽهائي عذاب پيشاب (جي ڇنڊن کان پاڻ کي نه بچائڻ) جي سبب ٿئي ٿو.[2]

## پاڪ شيءِ کي ناپاڪ ڪرڻ حرام آهي

**اي عاشقانِ رسول!** پاڻ کي ناپاڪي کان بچائڻ جو مُعَاملو صِرف پيشاب جي ڇنڊن سان خاص نه آهي بلڪ پنهنجي بدن ۽ ڪپڙن وغيره کي هر طرح جي ناپاڪي کان بچائڻ شرعي طور لازم ۽ ضروري آهي. سيدي اعليٰ حضرت، امام اهلسنت شاه امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بَحرُ الرَّائِق جي حوالي سان لکن ٿا: تَنْجِيْسُ الطَّاهِرِ فَحَرَامٌ يعني پاڪ شيءِ کي ناپاڪ ڪرڻ حرام آهي.[3]

کپڑے میں رکھوں صاف تُو دِل کو مرے کر صاف
مولیٰ تُو مدینہ مرے سِینے کو بنا دے
اخلاق ہوں اچھے، مرا کردار ہو ستھرا
محبوب کا صدقہ تُو مجھے نیک بنا دے[4]

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## الله پاڪ پاڪيزه ماڻهن کي پسند فرمائي ٿو

سيپاري: 2، سوره بقره، آيت: 222 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

1... سنن الدار قطنی، کتاب: الطہارۃ، جلد: 1، صفحہ: 98، حدیث: 458۔

2... موسوعۃ ابن ابی الدنیا، کتاب: الغیبۃ والنمیمۃ، جلد: 4، صفحہ: 355، حدیث: 52۔

3... فتاوٰی رضویہ، جلد: 4، صفحہ: 585۔

4... وسائلِ بخشش، صفحہ: 114-115 ملتقطاً۔

اِنَّ اللّٰهَ يُحِبُّ التَّوّٰبِيْنَ وَ يُحِبُّ الْمُتَطَهِّرِيْنَ﴿۲۲۲﴾

(پاره: 2، سورة البقرة: 222)

ترجمو كنزُالعِرفان: بيشڪ الله گهڻي توبہ ڪرڻ وارن سان محبت فرمائي ٿو ۽ خوب صاف سٿرو رهڻ وارن کي پسند فرمائي ٿو.

تفسير صراط الجنان ۾ آهي: هر صاحبِ ذوق شخص هن ڳالھ کان چڱي نموني واقف آهي تہ اَميري هجي يا فقيري هر حال ۾ صَفائي سُٿرائي انسان جي وقار ۽ شرف جي آئينہ دار آهي جڏهن تہ گندگي انسان جي عزّت ۽ عظمت جي بدترين دُشمن آهي. دينِ اسلام جتي انسان کي ڪفر ۽ شرڪ جي نجاستن کان پاڪ ڪري عزّت ۽ بلندي عطا ڪئي آهي، اتي ظاهري طهارت، صَفائي سُٿرائي ۽ پاڪيزگي جي اعليٰ تعليمات جي ذريعي انسانيت جو وقار بلند ڪيو آهي، بدن جي پاڪيزگي هجي يا لباس جي سُٿرائي، ظاهري شڪل ۽ صُورت جي عمدگي هجي يا طور طريقي جي چڱائي، مڪان ۽ ساز و سامان جي بهتري هجي يا سُواري جي صفائي، مطلب: هر هر شيء کي صاف سٿرو ۽ نگاھ کي وڻندڙ رکڻ جي دِينِ اسلام ۾ تعليم ۽ ترغيب ڏني وئي آهي.[1]

## صَفَائي سُٿرائي جي اهميت تي چار حديثون

(1): حضرت ابومالِڪ اَشعَري رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي: نبي اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: پاڪيزگي نِصف (اڌ) ايمان آهي[2] (2):اُمُّ المُؤمِنِين حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا کان روايت آهي، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: بيشڪ اسلام صاف سٿرو (دين) آهي، توهان

1... تفسير صراط الجنان، پاره: 11، سورة: توبہ، تحت الآية: 108، جلد: 4، صفحہ: 239-240 ـ

2... معجم ڪبير، جلد: 2، صفحہ: 377، حديث: 3346ـ

صفائي حاصِل ڪيو! ڇوتہ جنّت ۾ صاف سٿرو رهڻ وارو ئي داخِل ٿيندو[1] (3): هڪ روايت ۾ آهي: جيڪو لباس توهان پايو ٿا، ان کي صاف سٿرو رکو، پنهنجي سوارين جي سار سنڀار لهو ۽ توهان جي ظاهري شڪل ۽ صُورت اهڙي صاف سُٿري هجي جو جڏهن ماڻهن ۾ وڃو تہ اهي توهان جي عزّت ڪن.[2] (4): اُمُّ المُؤمِنِين حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہَا فرمائن ٿيون: هڪ ڀيري سرڪارِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ٻاهر ماڻهن وٽ وڃڻ لڳا تہ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم پاڻي ۾ پنهنجو عڪس ڏسي مٿي ۽ ڏاڙهي کي سنواريائون، مون عرض ڪيو: يا رسول اللّٰه صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم! ڇا اوهان بہ ايئن ڪري رهيا آهيو؟ فرمايائون: ها! اللّٰه پاڪ پنهنجي ٻانهي کي پسند فرمائي ٿو تہ جڏهن هو پنهنجي (مسلمان) ڀائرن وٽ وڃي تہ سَنورجي وڃي.[3]

## مَسجِدِ قُبَا ۽ اَهلِ قُبا جي فضيلت

قُبَا مَسجد: مديني پاڪ ۾ تمام مَشهور مسجد آهي، اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم هر ڇنڇر جي ڏينهن مَسجِدِ قُبَا ۾ ويندا هئا. حديثِ پاڪ ۾ آهي: مَسجِدِ قُبَا ۾ نماز پڙهڻ عمري جي برابر آهي.[4] قرآنِ ڪريم ۾ هن مسجد جي فضيلت بيان ٿي آهي، اللّٰه پاڪ فرمائي ٿو:

لَمَسْجِدٌ اُسِّسَ عَلَى التَّقْوٰى مِنْ اَوَّلِ يَوْمٍ اَحَقُّ اَنْ تَقُوْمَ فِيْهِ ؕ فِيْهِ رِجَالٌ يُّحِبُّوْنَ

ترجمو ڪنزُالعرفان: بيشڪ اها مسجد جنهن جي بنياد پهرين ڏيهن کان پرهيزگاري تي رکي وئي آهي اها ان جي

---

1 … ڪنزا العمال، ڪتاب: الطہارۃ، جزء: 9، جلد: 5، صفحہ: 124، حديث: 26002۔

2 … جامع صغير، صفحہ: 22، حديث: 257۔

3 … احياء العلوم، جلد: 1، صفحہ: 432 مترجم۔

4 … ترمذی، ڪتاب: الصلاۃ، باب: الصلاۃ فی مسجد قباء، صفحہ: 101، حديث: 324۔

اَنۡ يَّتَطَهَّرُوۡا ؕ (پاره:11، سورة التوبه:108)

حقدار آهي جو توهان اُن ۾ (نماز لاءِ) بيهو، اُن ۾ اُهي ماڻهو آهن جيڪي خوب پاڪ ٿيڻ پسند ڪن ٿا.

مشهور مُفَسّر قرآن مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هن آيت جي وضاحت ۾ فرمائن ٿا: يعني ِاي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان جي نماز جي لائق مسجد قُبَا آهي، هن مَسجِد ۾ 2 خُوبيون آهن (1): هڪ اها تہ هن مسجد جو بنياد تقويٰ ۽ پرهيز گاري تي رکيو ويو آهي (2): ٻيو اهو تہ هن مسجد ۾ اهڙا ماڻهو نمازون پڙهندا آهن جن کي خُوب پاڪ ۽ سٿرو هئڻ پسند آهي، انهن جا ڪپڙا، جسم، دِل، دماغ، رُوح، اَعمَال، اَقوال، اَحوال سڀ ڪجهه پاڪ آهن ۽

وَاللّٰهُ يُحِبُّ الۡمُطَّهِّرِيۡنَ ﴿۱۰۸﴾ (پاره: 11، سورة التوبة: 108)

ترجمو ڪنزُالعرفان: ۽ الله خوب پاڪ ٿيڻ وارن سان محبت فرمائي ٿو.

يعني الله پاڪ خُوب پاڪ سٿرن کي پسند فرمائي ٿو، جڏهن قُبَا مَسجِد ۾ نماز پڙهڻ وارا پاڪ سُٿرا آهن تہ ضرور اهي الله پاڪ جا پيارا آهن، جڏهن هو الله پاڪ جا پيارا آهن تہ انهن جي مَسجِد بہ الله پاڪ کي پياري آهي، جڏهن مَسجِد پياري آهي تہ ان ۾ نماز بہ الله پاڪ کي پياري آهي.[1]

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## جانِ ڪائنات صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا 6 پاڪيزه نالا

اي عاشقانِ رسول! الله پاڪ طهارت کي، پاڪيزگي کي ۽ صفائي سُترائي کي

[1]… تفسير نعيمى، پاره: 11، سورة: توبہ، تحت الآية: 108، جلد: 11، صفحہ: 62 ملتقطاً۔

پسند فرمائي ٿو، هن جو سڀ کان وڏو دليل اهو آهي ته مخلوق ۾ اها هستي جيڪا اللّٰه پاڪ کي سڀ کان وڌيڪ محبوب آهي يعني اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، اللّٰه پاڪ کين سڀني کان وڌيڪ پاڪ صاف، طاهر، مُطَهِّر (پاڪ ڪرڻ وارو) بڻايو آهي.

اسان جي پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا اهي پاڪيزه نالا جيڪي سندن اوصاف ۽ ڪمالات جي وضاحت ڪن ٿا، انهن ۾ 6 مبارڪ نالا اهي آهن جيڪي حُضُور، جانِ ڪائنات صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طهارت، نفاست، پاڪيزگي ۽ صَفائي سُترائي واري صِفَت کي بيان ڪن ٿا:

(1): فخرِ عالَم، نُورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هڪ مبارڪ نالو آهي: طَاهِرٌ يعني اها هستي جيڪا ظاهر ۾، باطِن ۾، ڪردار ۾، فڪر ۾، گفتار ۾، هر اعتبار سان نفيس ۽ پاڪيزه آهن (2): هڪ نالو مبارڪ آهي: مُطَهِّرٌ (3): ان سان ملندڙ هڪ ٻيو نالو آهي: مُقَدَّسٌ. هنن ٻنهي پاڪيزه نالن جو مطلب آهي: اها ذات جن جي برڪت سان انسان جو ظاهر ۽ باطِن صاف سٿرو ٿي وڃي يعني ٻين کي پاڪ ڪرڻ وارا (4): پاڪيزه نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هڪ نالو پاڪ آهي: طُهُورٌ يعني مڪمل طهارت، مڪمل نفاست، مڪمل پاڪيزگي (5): اهڙي طرح هڪ نالو پاڪ آهي: طَيِّبٌ يعني خوشبو وارا، پاڪيزه نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم (6): انهيءَ معنيٰ جهڙو هڪ ٻيو نالو پاڪ آهي جيڪو اڳوڻن آسماني ڪتابن ۾ بيان ٿيو آهي: مَاذُ مَاذُ. هن جي معنيٰ آهي: طَيِّب، طَيِّب يعني پاڪ، صاف، خوشبو وارا. علّامہ زرقاني رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيئن ته حُضُور اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ظاهر ۽ باطِن ۾، هر اعتبار سان سڀ کان وڌيڪ پاڪيزه، سڀ کان وڌيڪ خوشبو وارا، سڀ کان وڌيڪ نفيس آهن، ان ڪري سندن نالو پاڪ آهي: طَيِّب.[1]

[1]... شرح الزرقانی علی المواہب، فی ذکر اسمائہ الشریفۃ، جلد: 4، صفحہ: 203 ملتقطاً۔

اسان جي پياري نبي، مکي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا اهي 6 جا 6 نالا اهي آهن جيڪي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طهارت ۽ سُٺائي ۽ پاڪيزگي ڪي بيان ڪن ٿا.

## جانِ ڪائنات صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طهارت ۽ پاڪيزگي جو بيان

اسان وٽ عام طَور تي نلهو نالا هوندا آهن يعني ماڻهن جا ڪم، نالي جي اُبتڙ هوندا آهن، ڪوڙ ماڻهن جو نالو هوندو آهي: ساجِد (سجدو ڪرڻ وارو) پر هو پَڪو بي نمازي هوندو آهي. ڪوڙ آهن جن جو نالو هوندو آهي: صادِق (سچّو) پر اهي ڪوڙ تي ڪوڙ ڳالهائيندا آهن.

پر اسان جي آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو معاملو ايئن نہ آهي، حُضُورِ اَقدَس صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي هر نالي جي لحاظ کان اِسْم بَا مُسَمّٰي آهن يعني پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا جهڙا نالا آهن، پاڻ حقيقت ۾ بہ اهڙا ئي آهن.

❖ اسان جا پيارا نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن دُنيا ۾ تشريف فرما ٿيا تہ بلڪل پاڪ صاف هئا ❖ سندن امڙ سائڻ سَيده آمنہ، طيبہ طاهره رَضِيَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: وَلَدْتُّهٗ نَظِيْفًا مَا بِهٖ قَذْرٌ يعني منهنجي لختِ جگر، شهنشاهِ بحر وبر صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن دُنيا ۾ تشريف فرما ٿيا تہ بلڪل پاڪ صاف هئا، ڪنهن قسم جي ڪا غلاظت بدن مبارڪ تي نہ هئي[1] ❖ جنتي صحابي، حضرت انس بن مالِڪ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: مون ڪڏهن ڪو ريشم اهڙو نہ ڏٺو جيڪو منهنجي نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ تري کان وڌيڪ نرم هجي ۽ مون ڪڏهن ڪا ڪٿوري يا عنبر اهڙي ناهي سونگهي جيڪا خوشبوءِ واري نبي، مکي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ خوشبو کان وڌيڪ خوشبودار هجي[2] ❖

[1]... شرح الزرقانی علی المواہب، ولادتہ و عجائب...، جلد: 1، صفحہ: 220۔

[2]... مسلم، کتاب: الفضائل، باب: طیب رائحۃ النبی، صفحہ: 912، حدیث: 2330 بتقدم و تاخر۔

امام بيهقي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَيْه روايت ڪن ٿا تہ جيڪو خوش نصيب سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم سان هٿ ملائڻ جو شرف حاصِل ڪندو هو تہ سڄو ڏينهن اُن جي هٿ مان لاڳيتو خوشبو ايندي رهندي هئي ❖ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جنهن ٻار جي مٿي تي هٿ رکندا ها تہ خوشبو جي ڪري اهو ٻار تمام ٻارن ۾ سڃاتو ويندو هو.[1] ❖ اُمُّ المُؤمِنِين حضرت عائشہ صديقہ طيبہ طاهره رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف فرما هئا، سندن پيشاني مبارڪ تي پگهر آيو، مون ڏٺو تہ ان مبارڪ پگهر جي قطرن مان نُور نڪري رهيو هو.[2]

آبِ ذَر بنتا ہے عارِض پہ پسینہ نُور کا مصحفِ اعجاز پہ چڑھتا ہے سونا نُور کا[3]

**وضاحت:** نُور واري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ ڳل تي جڏهن نُوراني پگهر ايندو هو تہ ڄڻ اهو آبِ ذر يعني سون جو پاڻي آهي ۽ اهو اهڙو نظارو پيش ڪندو آهي جيئن قرآنِ ڪريم تي سون جو پاڻي لڳايو ويو هجي.

❖ حضرت جابِر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: جڏهن ڪنهن کي جانِ ڪائنات، فَخرِ موجودات صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي خِدمت ۾ حاضِر ٿيڻو هوندو هو (تہ اهو پڇڻ جي ضرورت نہ پوندي هئي تہ حُضُور ڪٿي تشريف فرما آهن بلڪ) پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ خُوشبو کي سُونگهندي سُونگهندي نڪري پوندو هو ۽ حُضُور اڪرم، نُورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم تائين پهچي ويندو هو.[4]

---

[1]... دلائل النبوة، جلد: 1، صفحہ: 305۔

[2]... تاريخ دمشق، جلد: 3، صفحہ: 307۔

3... حدائقِ بخشش، صفحہ: 243۔

[4]... سنن الدارمی، باب: فی حسن النبی، صفحہ: 48، حديث: 67۔

کیا مہکتے ہیں مہکنے والے بُو پہ چلتے ہیں بھٹکنے والے[1]

❖طيب ۽ طاهر نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم جي بدن مبارڪ تي ڪڏهن مک نہ ويهندي هئي ❖الله پاڪ ڪي پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم جي پاڪيزگي، طهارت ۽ نفاست ايتري مطلوب هئي جو الله پاڪ سندن جسم مبارڪ کي پاڇي کان پاڪ رکيو، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم جي جسم مبارڪ جو پاڇو نہ هو، هن ۾ هڪ حڪمت اها بہ آهي تہ جيڪڏهن خدانخواستہ جسم مبارڪ جو پاڇو هجي ها تہ اهو پاڇو زمين تي پوي ها ۽ ان هنڌ تي ماڻهن جا پير بہ اچن ها ❖ اهڙي طرح رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم جو جسم پاڪ گند ڪچري وغيره کان بلڪل پاڪ صاف هو بلڪ جسمِ پاڪ تہ جسمِ پاڪ آهي، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ لباس ڏانهن ميراڻ جي نسبت ڪرڻ جي بہ اجازت نہ آهي.

## آقا صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ لباس کي ميرو چوڻ ڪيئن...؟

صَدرُ الشَّرِيعہ مفتي امجد علي اعظمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه بهارِ شريعت ۾ لکن ٿا: جيڪو شخص حُضورِ اقدس صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم کي سمورن نبي سڳورن ۾ آخري نبي نہ مڃي يا حُضور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم جي ڪنهن شيء جي توهين ڪري يا عيب ڪڍي، (مثال طور) پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم جي مُوءِ مبارڪ (يعني وار مبارڪ) کي حقارت سان ياد ڪري، رحمت عالم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم جي لباس مبارڪ کي گندو ۽ ميرو چئي، اهو سيئي ڪفر آهن. [2] عاشقِ ماهِ رسالت، اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه نُور واري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ لباس بابت

---

1... حدائقِ بخشش، صفحہ: 163۔

2... بہارِ شریعت، مرتَد کا بیان، حصہ: 9، جلد: 2، صفحہ: 463 ملتقطاً۔

پنهنجي عشق ۽ محبت جو اِظهار ڪندي لکن ٿا:

کس دَرجہ ہے روشن تَنِ محبوبِ اِلٰہ  جامے سے عیاں رنگِ بدن ہے واللہ
کپڑے یہ نہیں میلے ہیں اُس گل کے رضا  فریاد کو آئی ہے سیاہیٔ گناہ [1]

**وضاحت:** خُدا جو قسم! سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو جسمِ اَطهر ايتري قدر رَوشن ۽ مُنَوَّر آهي جو لباس مبارڪ جي اندران بہ ان جي رنگت ظاهر ٿي رهي هوندي آهي، ڳالهہ اها نہ آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جا مبارڪ ڪپڙا (مَعَاذَ اللہ!) ميرا ٿي ويا آهن، اَصل ۾ معاملو اهو آهي تہ اسان جي گُنَاهن جي ڪاراڻ ۽ سياهي فرياد ڪرڻ ۽ شفاعت جي خيرات گهرڻ جي لاءِ اچي دامَنِ ڪرم سان چنبڙجي وئي آهي. نہ تہ حقيقت تہ اها آهي جو

میل سے کس درجہ ستھرا ہے وہ پُتلا نُور کا  ہے گلے میں آج تک کورا ہی کرتا نُور کا[2]

**وضاحت:** سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو بدن مبارڪ مَر مٽي کان ايتري قدر پاڪ ۽ صاف سٿرو آهي جو جنهن ڪپڙي کي پاڻ سڳورا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم استعمال ڪندا هئا، اهو بہ ميرو نہ ٿيندو هو، ميرو ٿيڻ تہ پري جي ڳالهہ اهو پُراڻو بہ نہ ٿيندو هو.

**اي عاشقانِ رسول!** اها سڄي تفصيل جيڪا عرض ڪئي وئي، هن مان واضِح ٿئي ٿو تہ الله پاڪ خُوب صاف سٿرو رهڻ وارن کي پسند فرمائي ٿو، هاڻي اسان کي پنهنجي باري ۾ پڻ غور ڪرڻ گهرجي، ڇا اسان صاف سٿرا رهون ٿا؟ ❖ اسان پنهنجي لباس بابت غور ڪيون ❖ پنهنجي ذات جي باري ۾ غور ڪيون ❖ پنهنجي آسپاس ❖پنهنجي گهر ❖ پنهنجي ڪمري ❖ پنهنجي دڪان

1...حدائقِ بخشش، صفحہ:444۔

2...حدائقِ بخشش، 244۔

❖ پنهنجي سُواري وغيره بابت غور ڪيون ته ڇا اسان هنن تمام هنڌن تي صفائي سُٿرائي جو خيال رکون ٿا؟ ❖ پنهنجي گهٽي ❖ محلي جي باري ۾ به غور ڪرڻ گهرجي ❖ هيءُ پاڪيزه وطن پاڪستان اسان جو پيارو ملڪ آهي ❖ اسان جنهن شهر ۾ رهون ٿا، اهو اسان جو پيارو شهر آهي ❖ جنهن پاڙي ۾ رهون ٿا ❖ جنهن گهٽي ۾ رهون ٿا، ان بابت به غور ڪرڻ گهرجي، ڇا اسان پنهنجي گهٽي کي، پنهنجي پاڙي کي، پنهنجي شهر ۽ پنهنجي وطن کي پاڪ صاف رکڻ جي ڪوشش ڪيون ٿا؟ جيڪڏهن خيال نٿا ڪيون ته اڄ کان نيت ڪري ونو! اسان طاهر نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا اُمّتي آهيون، اسان طيب نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪلمو پڙهڻ وارا آهيون، اسان جو حق ٿئي ٿو ته اسان پاڪيزگي اختيار ڪريون، اسان صفائي سُٿرائي وارو مزاج اپنايون، پنهنجي، پنهنجي لباس جي، پنهنجي گهر جي، پنهنجي گهٽي محلي جي، پنهنجي شهر، پنهنجي وطن جي جيتري صفائي سُٿرائي اسان جي اختيار ۾ آهي، اها ته اسان کي ڪرڻ ئي گهرجي.

## اِسلام صفائي سٿرائي جو دين آهي

اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايائون: تَنَظَّفُوْا بِكُلِّ مَا اسْتَطَعْتُم پنهنجي وس آهر صفائي اختيار ڪيو! فَاِنَّ اللّٰهَ تَعَالٰى بَنَى الْاِسْلَامَ عَلَى النَّظَافَةِ ڇو ته بيشڪ الله پاڪ اِسلام جو بنياد صفائي تي رکيو آهي.(1)

الله پاڪ اسان سيني کي نفاست، نظافت، صفائي سُٿرائي ۽ پاڪيزگي وارو مزاج نصيب فرمائي. آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

---

[1]... جامع صغير، صفحه: 202، حديث: 3369۔

# صفائي بابت اسلامي تعليم جون 4 خصوصيتون

پيارا اسلامي ڀائرو! اِسلام دينِ نظافت آهي. اڄڪلهه هوئڻ بہ سڄي دُنيا ۾ صفائي سُٿرائي تي گهڻو زَور ڏنو پيو وڃي، البت اسلام اسان کي صفائي سُٿرائي جو جيڪو دَرس ڏئي ٿو، ان جي الڳ ئي شان آهي، اچو! صَفائي سُٿرائي جي تعليم بابت اسلام جون 4 خصوصيتون ٻڌون ٿا:

## (1): صفائي بابت اسلامي تعليم جي پهرين خصوصيت

اسلام ۾ جيڪا صَفائي سُٿرائي جي تعليم آهي، اها عارضي ۽ مصنوعي (*Artificial*) صفائي جي حَد تائين نہ آهي بلڪ اسلام اسان کي حقيقي صفائي جو ۽ گندگي کي پاڙان ختم ڪرڻ جو دَرس ڏئي ٿو. هن کي هڪ مثال مان سمجهو! اڄڪلهه وات مان بدبو اچڻ جو ڪافِي مسئلو ٿيندو آهي، هن جو سبب غذائون آهن، اڄڪلهه برگر، پِزّا، تريل شيون کاڌيون وينديون آهن، انهن جي ڪري مِعدو تباهہ ٿي ويندو آهي جنهن سبب وات ۾ بدبُو پيدا ٿيندي آهي، هاڻي ماڻهن وات جي هن بدبُو کي دُور ڪرڻ جي لاءِ ڇا ڪيو جو مِعدي جي صَفائي نہ ڪئي بلڪ ماڻهن وات جي بدبو کي ختم ڪرڻ جي لاءِ اِسپري، ٿوٿ پيسٽ ٺاهيا جو انهن شين جي استعمال سان وات جي بدبُو ختم ٿي ويندي، هنن طريقن سان وات جي بدبُو تہ ختم ٿي ويندي آهي پر هن بُوءِ جو جيڪو اَصل سبب آهي يعني مِعدي جي خرابي، اهو سبب ختم ناهي ٿيندو، الحمدلله! اسلام وات جي بُوءِ ختم ڪرڻ جي لاءِ مِسواڪ جي سُنَّت عطا ڪئي آهي، مِسواڪ جي اها خاصيت آهي جو مِسواڪ وات جي بدبو ختم ڪرڻ سان گڏوگڏ مِعدي ۽ هاضمي کي بہ دُرُست ڪري ٿو، مِسواڪ جي برڪت سان جڏهن مِعدو دُرست ٿي ويندو آهي، هاضمو صحيح ٿي ويندو آهي تہ وات جي بدبو ازخود ئي ختم ٿي ويندي آهي.

اها آهي اسلام جي پاڪيزه تعليم جو اسلام عارضي ۽ مصنوعي (*Artificial*) صفائي جو نہ بلڪ حقيقي صفائي جو دَرس ڏئي ٿو. تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان حقيقي صفائي اپنايون ❖ گندگي جي سببن کي ختم ڪرڻ ڏانهن توجه ڏيون ❖ ڪچري جي ڍير جي صَفائي جي بروقت انتظام تي توجه رکون ❖ سيوريج جا پائپ ليڪ هجن تہ ان کي درست ڪرايون ❖ عام طور گهر جي صَفائي ڪرڻي هجي تہ اِضافي شيون ڪٽي اسٽور رُوم ۾ رکيون وينديون آهن، اهڙي طرح گهر جو ظاهر تہ صاف سٿرو ٿي ويندو آهي پر اسٽور رُوم جي صَفائي ناهي ٿيندي، اسٽور رُوم جي بہ صفائي ڪئي وڃي، مطلب: اسان حقيقي صَفائي تي زَور ڏيون ۽ هن کي پنهنجي عادت جو، روز مَرَّہ جي معمولات جو حِصو بڻايون. مشورو آهي تہ گهر جي تمام سامان جي هڪ پيري چيڪ لسٽ بڻائي وڃي تہ ڪهڙو سامان ڪڏهن صاف ڪرڻو آهي (مثال طور فريج، LCD، الماري وغيره)، پوءِ ان شيڊول مطابق صفائي ڪئي وڃي، اميد آهي تہ اهو طريقو اپنائڻ سان هر شيء جو پنهنجي وقت تي صفائي سُٿرائي جو اِهتمام ٿيندو رهندو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## (2): صفائي بابت اسلامي تعليم جي ٻي خصوصيت

صَفائي سُٿرائي جي معاملي ۾ اسلام جي ٻي خصوصيت اها آهي تہ اسلام صَفائي سُٿرائي کي ڏهاڙي طور (*As a festival*) رائِج نٿو ڪري، بلڪ اسلام اسان کي صفائي سُٿرائي جو پُورو نِظام فراهم ڪري ٿو، هنن ٻنهي طريقن يعني صفائي سُٿرائي جو ڏهاڙو ملهائڻ ۾ ۽ صفائي سُٿرائي جو پُورو نظام فراهم ڪرڻ ۾ وڏو فرق آهي، ڏهاڙو ملهائڻ سان صِرف آگاهي جاڻ ملي ٿي، ترغيب

ملي ٿي، صَفَائي سُٿرائي جو ذهن بڻجي ٿو پر صفائي سُٿرائي جو پُورو نظام فراهم ڪرڻ سان صِرف ذهن نٿو بڻجي بلڪ مِزاج ۾ تبديلي ايندي آهي، صاف سٿرو رهڻ عادت ۽ طبيعت جو حِصّو بڻجي ويندو آهي.

**مثال طور:** هٿ ڌوئڻ اهو صَفَائي سُٿرائي جو حِصو آهي. هر سال 15 اڪٽوبر تي عالمي سطح تي *Global Handwashing Day* (يعني هٿ ڌوئڻ جو عالمي ڏينهن) ملهايو ويندو آهي. هن جو پنهنجي جڳهه تي فائدو آهي، ماڻهن ڪي هٿ ڌوئڻ جي ترغيب ملي ٿي، ڪجهه ماڻهو هن ڏينهن ڪيئي ڪيئي ڀيرا هٿ ڌوئيندا بہ هوندا پر اسلام جي خصوصيت اها آهي جو اسلام اسان کي هٿ ڌوئڻ جو ڏهاڙو ناهي ڏيندو بلڪ اسلام اسان کي هٿ ڌوئڻ جو سڄو نِظَام فراهم ڪري ٿو. اسلامي تعليمات مطابق هڪ مسلمان کي سڄي ڏينهن ۾ گهٽ مان گهٽ 12 ڀيرا هٿ ڌوئڻا پوندا آهن، ڏسو! ❖ 24 ڪلاڪن ۾ 5 نمازون فرض آهن، هر نماز کان پهريان وُضُو ڪيو ويندو، لهٰذا 5 ڀيرا هٿ ڌوئڻا پوندا ❖ وري کائڻ کان پهريان ۽ کائڻ کان بعد کائڻ جو وُضو ڪرڻ يعني هٿ ڌوئڻ، گرڙي ڪرڻ ۽ وات جو اڳيون حِصو ڌوئڻ سُنّت آهي. عام طور ماڻهو ڏينهن ۾ 3 ڀيرا ماني کائيندا آهن، لهٰذا هنن جي لاءِ ڏينهن ۾ 6 ڀيرا هٿ ڌوئڻ سُنت ٿيو، 5 ۽ 6=11 *..اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جڏهن توهان مان ڪو شخص ننڊ مان بيدار ٿئي تہ پنهنجو هٿ ٿانوء ۾ وجهڻ کان پهريان ٽي ڀيرا هٿ ڌوئي ڇوتہ توهان مان ڪو نٿو ڄاڻي تہ ان جي هٿ رات ڪٿي گذاري.

عام طور ماڻهو 24 ڪلاڪن ۾ هڪ ڀيرو سمهندا آهن ۽ ننڊ کان بيدار ٿيندي ئي هٿ ڌوئڻ جو حڪم ڏنو ويو آهي. اهو ڪُل 12 ڀيرا هٿ ڌوئڻ ٿيو. هن کان عِلاوه ڪوڙ موقعا آهن، جڏهن اسان کي هٿ ڌوئڻ جي ضرورت پيش

ايندي آهي. بهرحال! اندازو ڪيو! جيڪو شخص روزانو ڏينهن ۾ 12 ڀيرا هٿ ڌوئي ٿو، ڇا ان کي هٿ ڌوئڻ جي ترغيب ڏيارڻ جي لاءِ ڪنهن ڏهاڙي جي، *Hand washing Day* جي ضرورت رهندي؟ نہ رهندي، هو روزانو هٿ ڌوئي ٿو، لهٰذا هٿ ڌوئڻ ان جي مزاج جو حِصو بڻجي ويندو.

اها آهي اسلام جي خصوصيت جو اسلام اسان کي صفائي سُٿرائي جو پُورو نظام فراهم ڪري ٿو جنهن جي بدولت صَفائي سُٿرائي اسان جي مزاج جو حِصّو بڻجي ويندي آهي. لهٰذا اسان کي گهرجي تہ اسان اسلام جي عطا ڪيل صفائي سُٿرائي جي نظام کي اپنايون ۽ صفائي سُٿرائي جو مزاج بڻايون. اسلامي تعليمات کان دُوري جي ڪري ڪوڙ سارا ماڻهو آهن جيڪي مخصوص موقعن تي تہ صفائي سُٿرائي جو وڏو اهتمام ڪندا آهن پر انهن جي مزاج ۾ صَفائي سُٿرائي ناهي هوندي، ان ڪري ڪجهہ ماڻهن جو ظاهر گهڻو سنو هوندو آهي پر حقيقت ۾ صَفائي سُٿرائي ناهي هوندي، مثال طور ڪجهہ اهڙا هوندا آهن جو انهن سان ڳلي ملو تہ خوشبو سان دماغ معطر ٿي ويندو آهي پر اهو ئي شخص جڏهن پنهنجا جوتا لاهي تہ جورابن مان ڏپ ايتري نڪري جو بس...! الله پاڪ جي پناهہ!

ان ڪري صفائي سُٿرائي جو مزاج اپنائڻ گهرجي، جيڪڏهن صفائي سُٿرائي اسان جي مزاج جو حِصو بڻجي وجي تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! اسان هر لحاظ سان صاف سٿرا رهڻ وارا بڻجي وينداسين.

## (3): صفائي بابت اسلامي تعليم جي ٽئين خصوصيت

صفائي سُٿرائي بابت اسلامي تعليمات جي ٽئين خصوصيت اها آهي تہ اسلام اسان کي فيشن طور صاف سٿرو رهڻ جي ترغيب نٿو ڏئي، بلڪ اسلام ۾

صَفَائي سُترائي عِبَادات جو حِصّو آهي، مثال طور ❖ وُضُو ڪرڻ عِبَادت آهي ❖ غُسل چڱي نيت سان هجي ته عِبَادت آهي ❖ جمعه وارو غسل عبادت آهي ❖ عيد واري ڏينهن جو غسل عبادت آهي ❖ ڪائڻ جو وُضُو سُنّت جي ادائيگي جي نيت سان هجي ته عبادت آهي ❖ مِسواڪ ڪرڻ سُنّت جي نيت سان هجي ته عبادت آهي ❖ ڪپڙن کي ناپاڪي کان بچائڻ ❖ ڪپڙا پاڪ صاف رکڻ، الله پاڪ جي رضا جي نيت سان هجي ته عبادت آهي ❖ مٿي ۾ تيل لڳائڻ ❖ ڏاڙهي جو اِڪرام ڪرڻ سُنّت جي ادائيگي طور هجي ته عبادت آهي.

اهڙي طرح طهارت، صَفَائي سُترائي ۽ پاڪيزگي جون ڪوڙ صُورتون آهن جن کي عبادت ۾ شامِل ڪيو ويو آهي، حضرت اِبنِ عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُمَا کان روايت آهي، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو طاهر ٿي (يعني باوُضُو يا غسل فرض هجي ته غسل ڪري) رات گذاري، ان وٽ هڪ ملائڪ رهي ٿو، هو رات ۾ جڏهن به بيدار ٿئي، ملائڪ دُعا ڪندو آهي: اَللّٰھُمَّ اغْفِرْ لِعَبْدِكَ كَمَا بَاتَ طَاهِرًا يا الله پاڪ! پنهنجي ٻانهي جي بخشش فرماءِ جيئن هن پاڪ ٿي رات گذاري.[1]

**اي عاشقانِ رسول!** غور ڪيو! اها آهي اسلام جي تعليم...! اسلام اسان کي صَفَائي سُترائي جو حڪم ڏئي ٿو پر فيشن طور نه بلڪ عِبَادت طور. يعني صَفَائي سُترائي اپنايون پر ماڻهن کي ڏيکارڻ جي لاءِ نه، پنهنجي واهه واهه جي لاءِ نه، پنهنجي تعريف جي لالچ ۾ نه، بلڪ الله پاڪ جي رِضا حاصِل ڪرڻ جي لاءِ. جيڪڏهن اسان الله پاڪ جي رِضا جي لاءِ، آخرت ۾ ڪاميابي جي لاءِ، جنّت حاصِل ڪرڻ جي لاءِ صَفَائي سُترائي جي عادت اپنائينداسين ته هن جي لاءِ اسان کي هزارين روپيا خرچ نه ڪرڻا پوندا بلڪ اها صَفَائي سُترائي جيڪا الله پاڪ

---

[1]... معجم کبیر، جلد: 6، صفحه: 257، حديث: 13446۔

جي رضا جي لاءِ هجي، هن ۾ سادگي غالِب رهندي ❖ سادڙا، گهٽ قيمت وارا بہ ڪپڙا هجن، جيڪڏهن الله پاڪ جي رضا مقصود آهي تہ ان کي صاف سٿرو رکي سگهجي ٿو ۽ جيڪڏهن ماڻهن کي ڏيکارڻ مقصد هجي، پنهنجي واه واه مقصد هجي تہ ظاهر آهي هزارن جو لباس بہ ناڪافي ٿيندو ❖ جيڪڏهن الله پاڪ جي رضا مقصد آهي تہ چاهي ننڍڙو گهر هجي، چاهي ڪچو گهر هجي، ان کي بہ صاف سٿرو رکي سگهجي ٿو ❖ جيڪڏهن الله پاڪ جي رضا مقصود هجي تہ ڏند صاف ڪرڻ جي لاءِ مهانگي ٽوٿ پيسٽ جي ضرورت نہ آهي، 10-20 روپين وارو مسواڪ بہ ڪم ڪندو ۽ **اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!** مهانگي ٽوٿ پيسٽ کان وڌيڪ ڪم ڪندو ❖ جيڪڏهن الله پاڪ جي رضا مقصود هجي تہ پنهنجي گهر جو ڪچرو پاڙيسري جي دروازي تي اڇلائڻ پسند نہ هوندو ❖ ڪچري جي ڍير تائين وڃڻ ۾ تڪليف محسوس نہ ٿيندي، ❖ جيڪڏهن الله پاڪ جي رضا مقصود هجي تہ اسان فيشن کان بچي بهترين انداز ۾ صَفَائي سُٿرائي جي عادت اپنائي سگهون ٿا. لهٰذا اسان کي گهرجي تہ اسان الله پاڪ جي رضا جي لاءِ سُنتن جو لحاظ رکي صَفَائي سُٿرائي جي عادت اپنايون.

## ڪپڙو تسبيح ڪندو رهي ٿو

**اُمُّ الْمُؤمِنِين حضرت عائشہ صديقہ** رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا **فرمائن ٿيون:** مون وٽ بنهي جهانن جا تاجدار، نبين جا سردار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف فرما ٿيا ۽ فرمايائون: اي عائشہ! هنن بنهي چادرن کي ڌوئي ونو...! مون عرض ڪيو: يارسولَ **الله** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان...! ڪالهہ ئي تہ مون اهي چادرون ڌوتيون هيون. هن تي پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايائون: **ڇا توهان کي خبر ناهي تہ ڪپڙو بہ تسبيح (يعني الله پاڪ جي پاڪي بيان) ڪندو آهي ۽ جڏهن ميرو ٿي ويندو**

آهي تہ ان جي تسبيح ڪرڻ رُڪجي ويندي آهي.[1]

الله اَکبَر! اي عاشقانِ رسول! غور ڪيو! اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ انداز، پاڪيزه مزاج ڪيترو نِرالو آهي. لباس ڌوئڻو آهي، هن سان لباس صاف ٿي ويندو پر مقصد ڇا آهي؟ **لباس جي مِير ختم ٿئي ۽ هي تسبيح ڪري.** ❖ اسان وٽ گهرن ۾ عام طور خاص موقعن مثال طور (عيد، سالگره، ايصالِ ثواب جي ڪا محفل وغيره) تي وڏيڪ صفائي ڪئي ويندي آهي *..مهمانن کي اچڻو هجي تہ وڏي اهتمام سان صفائي ٿيندي آهي *..گهر ۾ خواتين بيڊ جون چادرون ❖ صوفن ۽ ويهاڻن جا ڪَوَر (COVER) وغيره ڌوئي چمڪائينديون آهن، جيڪڏهن اسان کي ماڻهن جي پرواه نہ رهي بلڪ الله پاڪ جي رِضا حاصِل ڪرڻ اسان جو مقصد بڻجي وڃي تہ گهر ۾ استعمال ٿيندڙ ڪپڙا ڌوئڻ جي لاءِ ڪنهن بہ ڏهاڙي جو يا مهمانن جي اچڻ جو انتظار نہ رهندو بلڪ جڏهن ڪپڙا ميرا ٿيندا تہ ذِهن بڻجي ويندو تہ جلد از جلد انهن کي ڌوتو وڃي تہ جيئن ڪپڙن جي مير ختم ٿئي، اهي تسبيح ڪرڻ شروع ڪن ۽ ان جي تسبيح سان اسان کي ثواب ملي.

لٰهذا صَفَائي سُترائي جي عادت بڻائي وڃي، ضرور بڻائي وڃي پر فيشن جي لاءِ نہ، ماڻهن کي ڏيکارڻ جي لاءِ نہ بلڪ الله پاڪ جي رضا حاصِل ڪرڻ جي لاءِ، آخرت ۾ ڪاميابي جي لاءِ ۽ جنّت حاصِل ڪرڻ جي لاءِ. الله پاڪ اسان سيني کي عمل جي توفيق عطا فرمائي. آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

کپڑے میں رکھوں صاف تُو دِل کو مرے کر صاف ___ مولیٰ تُو مدینہ مرے سینے کو بنا دے
اخلاق ہوں اچھے، مرا کردار ہو ستھرا ___ محبوب کا صدقہ تو مجھے نیک بنا دے[1]

---

[1]... تاريخ بغداد، جلد: 9، صفحہ: 245۔

## (4):صفائي بابت اسلامي تعليم جي چوٿين خصوصيت

**اي عاشقانِ رسول!** صَفَائي سُٿرائي جي معاملي ۾ اسلام جي خصوصيتن مان هڪ خصوصيت اها بہ آهي تہ اسلام صِرف ظاهر جي نہ بلڪ باطِن جي صَفَائي تي بہ گهڻو زَور ڏِي ٿو، ايستائين جو قرآنِ ڪريم ۾ لفظِ طهارت (پاڪيزگي) ڪئي مقامن تي ذِڪر ڪيو ويو آهي، ان ۾ اڪثر مقام اهي آهن، جتي لفظِ طهارت سان ظاهر جي نہ بلڪ دِل جي، باطِن جي صَفَائي سُٿرائي مراد آهي. حُضُور داتا گنج بخش علي هجويري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪشفُ المَحجُوب شريف ۾ فرمائن ٿا: ايمان کان بعد سڀ کان پهريون فرض طهارت آهي. واضِح رهڻ گهرجي تہ طهارت ٻن قسمن جي آهي: (1): باطني طهارت (2): ظاهري طهارت. جهڙي طرح ظاهري طهارت جي بنا نماز دُرُست ناهي ٿيندي، اهڙي طرح باطني طهارت جي بغير الله پاڪ جي مَعرِفت نصيب ناهي ٿيندي.[2]

## دِل جي صَفَائي وڏيڪ ضروري آهي

اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اِنَّ فِي الْجَسَدِ مُضْغَةً بيشڪ جسم ۾ هڪ رت جو ٽڪرو آهي، اِذَا صَلَحَتْ صَلَحَ الْجَسَدُ كُلُّهٗ جڏهن اهو ٽڪرو نيڪ ٿي وڃي، سڄو جسم نيڪ ٿي ويندو آهي وَ اِذَا فَسَدَتْ فَسَدَ الْجَسَدُ كُلُّهٗ جڏهن اهو ٽڪرو خراب ٿي وڃي تہ سڄو جسم خراب ٿي ويندو آهي اَلَا وَهِيَ الْقَلْبُ ٻُڌي ونو! رت جو اهو ٽڪرو دِل آهي.[3] هڪ حديثِ پاڪ ۾ اِرشاد آهي: بيشڪ

---

1... وسائلِ بخشش، صفحہ: 114-115 ملتقطاً۔

2... ڪشف المحجوب، صفحہ: 423۔

3... بخاری، کتابُ الْاِیْمان، صفحہ: 84، حدیث: 52۔

الله پاڪ صِرف توهان جي ظاهري صُورت ۽ کل کي ناهي ڏسندو بلڪ الله پاڪ توهان جي دلين کي بہ ڏسندو آهي.(1)

## افسوس! اسان دِل جي اِصلاح تي توجه نٿا ڏيون

امام غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: هن حديثِ پاڪ مان معلوم ٿيو تہ دِل رَبُّ العالمين جي نظر جو مقام آهي، تعجب آهي ان شخص تي جيڪو ظاهري چهري جي صفائي سُٿرائي جو اهتمام ڪري، ان کي ڌوئي، مر مٿي ڪان سٿرو رکي تہ جيئن مخلوق ان جي چهري جي ڪنهن عيب تي آگاهہ نہ ٿئي پر دِل جو اهتمام نہ ڪري جيڪا رَبُّ العالمين جي نظر جو مقام آهي.(2)

دِل کہ تیمار ہمارا کرتا آپ بیمار ہے کیا ہونا ہے (3)

## چار شيون بدبختي مان آهن

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: 4 شيون بدبختي مان آهن: (1): جُمُودُ الْعَيْنِ يعني اکين ۾ لڙڪ نہ اچڻ (2): قَسَاوَةُ الْقَلْبِ دِل جي سختي (3): طُوْلُ الْاَمَلِ وڏيون اُمّيدون (4): ۽ اَلْحِرْصُ عَلَى الدُّنْيَا دنيا جو حِرص ۽ لالچ.(4)

هڪ حديثِ پاڪ ۾ ارشاد فرمايو: بيشڪ ماڻهن ۾ الله پاڪ کان سڀ کان پري

---

[1]... مسلم، كتابُ الْبِر، صفحہ: 1387، حديث: 6564۔

[2]... منهاج العابدين، صفحہ: 182۔

3... حدائقِ بخشش، صفحہ: 166۔

[4]... مُسْنَد بَزَّار، جلد: 13، صفحہ: 88، حديث: 6442۔

سَخت دِل آهي. (1)

دِلِ مُردہ دِل نہیں، اسے زِندہ کر دوبارہ　　کہ یِہی ہے اُمَّتوں کے مرضِ کُہن کا چارہ

وضاحت: مَرضِ کهن: يعني پُراڻي بيماري. مطلب اهو آهي تہ قومن جي پُراڻي مان پُراڻي مرض جو اهو ئي عِلاج آهي تہ اُنهن جون دِليون زِندہ ٿي وڃن.

زندگی زندہ دلی کا نام ہے　　مردہ دِل کیا خاک جیا کرتے ہیں

**اي عاشقانِ رسول!** معلوم ٿيو: دِل جي پاڪيزگي، دِل جي صَفائي ظاهر جي صَفائي کان وڌيڪ اَهم ۽ وڌيڪ ضروري آهي، ان ڪري اسان کي گهرجي تہ اسان دِل جي صَفائي سُترائي تي بہ وڌ کان وڌ تَوَجُّه ڏيون. دِل سخت ٿيڻ جا ڪافي سبب آهن، مثال طور ❖ گهڻو فُضُول ڳالهائڻ سان دِل مرده ٿي ويندي آهي ❖ وڌيڪ کلڻ سان دِل مرده ٿيندي آهي ❖ گهڻو کائڻ سان دِل مرده ٿيندي آهي ❖ گُنَاهن جي ڪري دِل مرده ۽ سخت ٿيندي آهي. اهڙي طرح دِل جي مرده، سخت ۽ سياه هئڻ جا ٻيا ڪوڙ سبب بہ آهن.

هن جي عِلاج جو طريقو اهو آهي تہ ❖ ماڻهو ڪثرت سان الله پاڪ جو ذِڪر ڪري ❖ اهڙي طرح يتيمن، مسڪينن، غريبن سان نيڪ سلوڪ ڪري، هن سان بہ دِل جي صَفائي ٿيندي آهي ۽ دِل جي سختي مان نجات ملندي آهي ❖ موت کي ڪثرت سان ياد ڪرڻ بہ دِل جي ڪاراڻ جو زبردست عِلاج آهي.

دِل ہے وہ دِل جو تری یاد سے معمور رہا　　سَر ہے وہ سر جو ترے قدموں پہ قربان گیا(2)

---

1... ترمذی، کتابُ الزُّہد، صفحہ: 573، حدیث: 2411۔

2... حدائقِ بخشش، صفحہ: 55۔

دِل جون بيماريون ۽ اُنهن جو عِلاج يعني دِل کي باطني بيمارين کان بچائڻ جي باري ۾ تفصيلي معلومات جي لاءِ مکتبة المدينہ جو ڪتاب **باطنی بیماریوں کی معلومات** پڙهي وٺو. الله پاڪ اسان سڀني کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

آمِين بِجَاه خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: چوڪ درس

پيارا اسلامي ڀائرو! ظاهر ۽ باطِن جي صَفائي جو ذِهن بنائڻ، سُنّتن جو عامِل ۽ نيڪ پرهيزگار بڻجڻ جي لاءِ عاشقان رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو! ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن ۾ بہ وڌ کان وڌ حِصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِيْم! دِين ۽ دُنيا جون بيشمار ڀلائيون نصيب ٿينديون. ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم آهي: چوڪ درس. الحمد لله! دعوتِ اسلامي سان وابستہ عاشقانِ رسول مسجد ئي ۾ نہ، گهٽي، محلي ۽ دُڪانن تي وڃي بہ دَرس ڏيندا آهن، نيڪيون ڪمائيندا آهن ۽ ٻين کي نيڪي جي دعوت ڏئي سُنتن جو پيغام عام ڪندا آهن. اچو! چوڪ دَرس جي هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا،

## وَقت جي اهميت نصيب ٿي

حيدر آباد (سنڌ، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي: مون کي ڪرڪيٽ کيڏڻ ۽ فلمون ڏسڻ جو تمام گهڻو شوق هو، بي عملي جو حال هي هو جو مان جمعي جي نماز بہ نہ پڙهندو هئس بلڪ اهو برڪت ڀريو وقت بہ گُناهن ۽ فضوليات ۾ گذاريندو هئس. پوءِ مون تي ڪرم ٿيو. اسان جي علائقي ۾ هڪ اسلامي ڀاءُ چوڪ دَرس ڏيندو هو، هڪ ڏينهن ان محبت ڀري انداز ۾ مون کي

چوڪ دَرس ۾ شرڪت جي دعوت ڏني، خوش قسمتي سان مون ان جي ڳالهه توجهه سان ٻڌي، پوءِ مان روزانو ان جي دَرس ۾ شريڪ ٿيڻ لڳس، ڏينهو ڏينهن منهنجي اندر تبديلي اچڻ لڳي، پوءِ آهستہ آهستہ مان دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ بہ شرڪت ڪرڻ لڳس، اسلامي ڀائرن جو طرزِ زِندگي ڏسي دِل خوش ٿيندي هئي، هيئن الحمد لله! مان سٽري ويس، مون فلم ڏسڻ کان توبہ ڪئي ۽ پهريان جيڪو وقت مان ڪرڪيٽ ۾ برباد ڪندو هئس، هاڻي ديني ڪمن ۾ مَصرُوف رهان ٿو.

زمانے بھر میں مچا دیں گے دُھوم سُنّت کی    اگر کرم نے ترے ساتھ دے دیا یاربّ!

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب!    صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت ۽ ڪجهه آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سَعَادت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهه نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی كَانَ مَعِی فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.(1)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا!    جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## پاڻي پيئڻ جون 13 سنتون ۽ آداب

فرمانِ آخري نبي رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: اُٺ جيان هڪ ئي ساهي ۾ نہ پيو بلڪ ٻہ يا ٽي ڀيرا (ساهه ڪٽي) پيو ۽ پيئڻ کان پهريان بِسم الله پڙهو ۽ فراغت تي الحمد لله چئو.

---

1... مشكوٰة، كتابُ: الْايمان، بابُ: الْاعْتصَام، جلد: 1، صفحہ: 55، حديث: 175۔

پاڻي هجي يا کا بي پيئڻ جي شيء ❖ پيئڻ کان پهريان بِسم الله پڙهو ❖ چوسي ننڍڙا ننڍڙا ڍڪ پيو، وڏا وڏا ڍڪ پيئڻ سان جگر (*Liver*) جي بيماري پيدا ٿيندي آهي ❖ پاڻي ٿن ساهن ۾ پيئو ويهي ۽ سڌي هٿ سان پيئو ❖ لوٽي وغيره سان وُضُو ڪيو ته هن جو بچيل پاڻي پيئڻ 70 مرض کان شفا آهي ڇو ته اهو آبِ زم زم شريف جي مشابهت رکي ٿو، هن ٻن (يعني وُضُو جو بچيل پاڻي ۽ زم زم شريف) کان عِلاوه کو به پاڻي بيهي ڪري پيئڻ مڪروه آهي، اهي ٻئي پاڻي قبلي ڏانهن رخ ڪري بيهي پيئو ❖ پيئڻ کان پهريان ڏسو ته پيئڻ جي شيء ۾ کا نقصان ده شيء وغيره ته نه آهي ❖ پيئڻ کان بعد اَلحَمْدُ لِلّٰه چئو ❖ امام محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: بِسمِ الله پڙهي پيئڻ شروع ڪيو، پهرين ساهه کان آخِر ۾ اَلحَمْدُ لِلّٰه ٻي کان بعد اَلحَمْدُ لِلّٰه رَبِّ الْعَالَمِيْن ۽ ٽئين ساهه کان بعد اَلحَمْدُ لِلّٰه رَبِّ الْعَالَمِيْنَ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهو. اهو هڪ سنو ڪم آهي، نه به ڪيو ته حرج نه آهي ۽ شروع ۾ بِسمِ الله ۽ خَتم تي اَلحَمْدُ لِلّٰه چوڻ سان به سُنَّت ادا ٿي ويندي ❖ گلاس ۾ بچيل مسلمان جي صاف ستري اوير واري پاڻي کي قابِلِ استعمال ٿيڻ جي باوُجُود خوامخواه اڇلائڻ نه گهرجي ❖ منقول آهي: سُؤْرُ الْمُؤْمِنِ شِفَاءٌ يعني مسلمان جي بچيل پاڻي ۾ شِفَا آهي ❖ پيئڻ کان ڪجهه دير بعد خالي گلاس کي ڏسندؤ ته ان جي پاسي کان به ڪجهه قطرا ڪِري گلاس ۾ جمع ٿي چڪا هوندا، ان کي به پي وٺو.[1]

مختلف سنتون ۽ آداب سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي بهارِ شريعت جلد: 3، حِصو: 16 ۽ امير اهلسنت حضرت علامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي 100 صفحن جي ڪتاب 550 سنتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو! سنتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ

---

[1]... 550 سنتيں اور آداب، صفحہ: 16۔

رسول سان سُنّتن ڀريو سفر بہ آهي

لوٹنے رحمتیں قافلے میں چلو سیکھنے سنتیں قافلے میں چلو
ہوں گی حل مشکلیں قافلے میں چلو ختم ہوں شامتیں قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

آمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَی الحَبِیب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد